ڊاڪٽر عصمت فاطمہ ويسر

# ويراڳي ڪلام ۾ انساني ڪردار جي اهميت


**Abstract:**

*Sufi saint poets gave too much importance to human character for the establishment of a balanced and model society. The underlying theme in their message remained that there must be justice and equal benefits for all human beings without any differences. Mystic poets expressed very high levels of human values in their devotional poetry.*

*In this research paper, I have described the basic principles of humanism by using examples of mystic ascetic poetry viz. love, peace, tolerance and brotherhood. Poetry of mystic poets is common in their identical philosophical thoughts, however, their expression varies. Kazi Qadan, Shah Inat, Shah Karim, Shah Abdul Latif and all other sufi poets have given utmost importance to moral values in their verses.*


**انسانيت**، تصوف جو هڪ اهم جوهر آهي. صوفي ۽ ويراڳي هر حال ۾ انسان دوست هوندو آهي، ڇو تہ اعليٰ ڪردار کان سواءِ عاشقاڻو ۽ ويراڳي روپ جُڙي نٿو سگهي. ويراڳي شاعريءَ ۾ اسان کي اعليٰ انساني اوصاف، جابجا پڙهڻ لاءِ ملندا. سڀني ويراڳي شاعرن ڪردار سازيءَ تي گهڻو زور ڏنو آهي، ڇو تہ اعليٰ اوصاف ۽ ڪردار وارو انسان ئي رهنمائي ڪرڻ جي لائق بڻجي ٿو. تڪبر، غرور يا هوڏ، انسانيت جا ويري آهن. هڪ متڪبر انسان، پنهنجي رويي ۾ سخت مزاج ٿئي ٿو، انڪري ان ۾ انڪساري ۽ سهپ جهڙا گڻ پيدا نہ ٿي سگهندا آهن.

ڍول تنين جي ڍار، هيڻاهين هلن جي.

(آڏواڻي، ٢٠١٣ع: ٢٠٠)

تڪبر انسان کي تباهہ ڪري ٿو ۽ اللّٰہ سائين (پالڻهار) کي غرور پسند ناهي. ويراڳي شاعرن انساني ڪردار سازيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. قاضي قادن، شاهہ ڪريم، خواجہ محمد زمان، شاهہ عنايت، شاهہ لطيف، سچل، سامي، بيدل، ٻيدل، روحل، رکيل سڀني وٽ هيڪڙائي ۽ انڪساري آهي. رواداري ۽ سهپ جا هزارين مثال





سنڌي ويراڳي شاعريءَ ۾ موجود آهن. معاشري ۾ نفرت، فتني فساد جو اهم سبب اهو آهي تہ انسان مان سهپ ۽ رواداري ختم ٿي. برداشت ڪرڻ ۽ درگذر ڪرڻ جون روايتون ختم ٿي ويون آهن، جن کي صوفي ۽ ويراڳي شاعرن زندهہ رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. انهن روين وسيلي ئي معاشرتي امن ۽ استحڪام قائم ٿي سگهي ٿو ۽ هڪ انسان، ٻئي انسان جي ويجهو اچي سگهي ٿو.

هو چونئي تو مَ چَئُہ، واتئون ورائي،
اڱُ اڳرائي جو ڪري، خطا سو ڪائي،
پاند ۾ پائي، ويو ڪيني وارو ڪينڪي.

(آڏواڻي، ١٩٩٧ع: ٦٦)

انساني ڪردار يا اخلاقيات جي سلسلي ۾ هي نيم، سڀني ڌرمن ۾ موجود آهن. ويراڳي شاعرن ۽ فقيرن اها تبليغ پنهنجي پنهنجي انداز سان ڪئي آهي. سومرن جي دؤر ۾ اسماعيلي پيرن پڻ گنانن وسيلي، ماڻهن جي اخلاقي تربيت ڪئي. اُنهن کي تڪبر کان پري رهي، نياز منديءَ واري واٽ اختيار ڪرڻ جي تلقين ڪئي. پير صدرالدين فرمائي ٿو:

اي جي نمڻي ني ڪمڻي ويرا ڀائي،
هنسي هنسي ملڻا اي مون اللّٰہ،
ڪاوڙ ڪروڌ دوئي تجڻا،
هو جيو جي، هو جي!

(خواجہ، ٢٠١٠ع: ٣٣)

[اي ڀاءُ! حليمي ۽ سهپ اختيار ڪر، ماڻهن سان مُرڪي مُرڪي ملجانءِ - ڪاوڙ ۽ ڪروڌ ٻنهي کان پري رهجان] (گنان شريف - 2: 52)

ساڱئي فڪر ۾ هي بيت آهي:

ڀِرين پاڻ وڃاءِ، پاڻ وڃائي هُوءُ لَهُہ،
من اندر مُنُهہ پاءِ، توئي اندر سپرين.

(بلوچ، ١٩٦٣ع: ١٦٦)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

انسان جيڪڏهن صرف پنهنجي ذات جي خمار ۾ ئي هوندو ته ڪيس پاڻ کان سواءِ ڪو به نظر نه ايندو. انڪري من جي مراد حاصل ڪرڻ لاءِ غرور ۽ گهمنڊ کي پاڻ مان ڪڍڻو پوي ٿو. ويراڳي فڪر ۾ وڏائيءَ لاءِ ڪا به گنجائش ناهي، ڇو ته ان مان ٻيون انساني ڪوتاهيون ۽ ڪمزوريون پيدا ٿين ٿيون، جيڪي انسان لاءِ نقصانڪار آهن.

اڃا ٻِڳهَ مَ پَسُ، وَرُ ميرا هنجهڙا،
رتا جي خالق سين، تني لڳي مَ ڪَسُ.

(بلوچ، ١٩٦٣ع: ١٥٨)

تون نِنڊيو ۽ ناقص، اڳيان بر وڏو بار گهڻو.

(بلوچ، ١٩٦٣ع: ٢١)

ڏَڏُ ٿي ڏانُ گهُر، اِت وڃاتا نه وري،
عاجزيون عنات ڇئي، اُيو ٻانُ ٻري.

(بلوچ، ١٩٦٣ع: ٧٤)

هن جي آڏو اٽڪل يا حرفت نه هلندي. عاجز ۽ اٻوجهه ٻڻجي (يعني هيڻاهين ۽ نئڙت سان) گهُر ڪر ته تنهنجي من جي مراد پوري ٿيندي ۽ تون مالامال ٿي ويندين. پاڻ کي نِنڊيو سمجهي غرور ۽ هٺ کان پاسو ڪر، جنهن ۾ تنهنجي نجات آهي.

شاهه ڪريم به غرور ۽ تڪبر ۾ خماريل اکين کي پسند ناهي ڪيو، ڇو ته تڪبر انسان جي اکين مان به ظاهر ٿيندو آهي. مغرور انسان جا عضوا به تڪبر ظاهر ڪندا آهن. هن جي هلڻ چلڻ ۾ به تڪبر هوندو آهي. تڏهن ته سائين فرمائي ٿو ته:

پائيون جان نه ڪجن، روئي ڏوئي اکڙيون،
جر ڪجر جن اکين ۾، سي ڪيئن پرين پسن.

(دائودپوٽو، ١٩٧٧ع: ١٩٦)

متڪبر انسان جي اکين ۾ غرور جو ميرو پاڻي پرجي ويندو آهي، جنهن ڪري هن جي نيڪي يا عبادت قبوليت جو درجو حاصل نه ڪري سگهندي آهي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي ويراڳي شاعرن جو رهنما آهي. سندس فڪر جيترو





تعداد ۾ گهڻو آهي، اوترو ئي معيار ۾ وڏيڪ آهي. نياز نئڙت، عاجزي ۽ انڪساري سندس ڪلام ۾ هر هنڌ ظاهر ٿئي ٿي. جنهن به سُر جو مطالعو ڪجي ٿو ته اسان کي اهڙي هدايت پڙهڻ لاءِ ملي ٿي. سندس هدايت جو طريقو ناصحاڻو يا ٻين کي سمجهائڻ وارو ناهي، پر سائين ته خود پاڻ کي سمجهائي ٿو. اها ئي هڪ وڏي مفڪر ۽ اعليٰ شاعر جي سڃاڻپ آهي ته هو صرف مبلغ ناهي، پر ان تي پاڻ به عمل پيرا آهي. هو صرف عالم فاضل ناهي، پر عامل به آهي، عارف ۽ عاشق به آهي. سندس فڪر تمام وسيع آهي.

مون کان پڙا پڳا نه ٿيا، اڳلي آئون،
جان تاڃي توريائون، تان عيب نڪري آيا.

(آڏواڻي، ١٩٩٧ع: ٩٣)

تو سمو، آئون گندري، مون ۾ عيبن جُوءِ،
پسي راڻين رُوءِ، متان ماڳر مٽئين.

(آڏواڻي، ١٩٩٧ع: ١٦٣)

سَتُر ڪر ستار، آئون اگهاڙي آهيان،
ڍڪين ڍڪڻهار، ڏيئي پاند پناهَ جو.

(آڏواڻي، ١٩٩٧ع: ٩٣)

ڪَڇُ ڪمايم ڪوڙ، ٻِڳم عهد الله جو،
ڀڇرو جو پاپن جو، سو چوٽيءَ تائين چور،
معلوم اٿيئي مُور، ڳُوڙها انهيءَ ڳالهه جو.

(آڏواڻي، ١٩٩٧ع: ٨٣)

نِمي ڪَمي نهار تون، ڏمرُ ڏولائو،
ٿيءَ ساڃائو، جي اُپئين انهيءَ پير تي.

(آڏواڻي، ١٩٩٧ع: ٩٤)

ڪَمُ! ڪمندن ڪٿيون، هارايو هوڙن،
چکيو نه چوندنِ، هو جو ساءُ صبر جو.

(آڏواڻي، ١٩٩٧ع: ٢١١)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

صوفيءَ صاف ڪيو، ڦوئي ورق وجود جو،
تهان پوءِ ٿيو، جيئري پسڻ پرينءَ جو.

(آڏواڻي، ۱۹۹۷ع: ۳۴)

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جا شاعراڻا افڪار، نياز مندي ۽ نئڙت جو شاندار مثال آهن. سندس انداز منفرد ۽ مختلف آهي. ڪٿي به خيالن جو ورجاءُ نظر نٿو اچي. هر بيت جو انداز پنهنجو آهي. اندر جي اوجر بنيادي ڳالهه آهي، ان ڪان پوءِ ئي انسانيت جو سلسلو شروع ٿئي ٿو.

ڪتِ به ڪُنب به، توريندڙ تڪا.

(آڏواڻي، ۱۹۹۷ع: ص ۳۱)

انسان جون ڪيتريون ئي نيڪيون، غرور سبب قبوليت جو درجو نٿيون حاصل ڪري سگهن، انڪري شاهه سائين فرمائي ٿو ته پنهنجي عمل تي فخر ڪرڻ بجاءِ هيٺاهين وٺ، ڇو ته اڳيان حساب ڪرڻ وارا نهايت خبردار آهن.

”جيڪو انسان گيرب ۽ گاءُ ڪان پاسو ڪري ٿو ۽ هميشه نياز ۽ نئڙت جو دامن پڪڙيون پيو هلي، سو جڳ ۾ سرخرو ٿئي ٿو. سالڪ به هميشه پنهنجي هيٺاهين هلت ڪري، مالڪ وٽ مانُ پائي ٿو. جهڙيءَ ريت نوري پاڻ ڪي گهٽ ڄاڻي، نوڙت وارو رستو اختيار ڪندي هئي ۽ ڪيس اهو خطرو (انديشو) هوندو هو ته متان سندس ذات (گندري) ڪي ڏسي ڪانڌ (ڄام) پنهنجي مهربانيءَ جي ڇانءَ نه مَٿي ڇڏي. سالڪ به پنهنجي هيٺي حال ڪي ڏسي مالڪ اڳيان عجز ۽ انڪساريءَ جو رستو اختيار ڪندو ته ڪامياب ٿيندو.“(سڌايو، ۱۹۹۲ع: ۳۳۷)

شاهه لطيف ڪان پوءِ سچل سرمست اهم ويراڳي مفڪر شاعر آهي، جنهن وٽ به رندي ۽ سرمستيءَ سان گڏ مالڪ آڏو انڪساري ۽ عاجزيءَ جو رنگ نظر اچي ٿو. اها نئڙت ۽ نياز مندي مختلف ڪردارن جي اوٽ ۾ آهي.

آءُ ٻانهي تون سائين وي،
پاتم پاند ڳچيءَ ۾ ڪپڙو.

(انصاري، ۱۹۸۲ع: ۱۲۴)





گولي مانَ سڏين،
اُنهن جي ني آهيان، جيڏيون ڙي،
ٻاروچان تان ٻاجهه پئي، گولي ساڻ گڏين.

(انصاري، ۱۹۸۲ع: ۱۳۲)

ٻانهن جي آءُ ٻانهي آهيان،
ٻاروچي جي ذات جي.

(انصاري، ۱۹۸۲ع: ۱۳۳)

بخش سچوءَ ڪي سپرين،
سندو نينهن نياڻ.

(انصاري، ۱۹۸۲ع: ۱۳۴)

ننگڙا نماڻي دا جيوين تيوين پالڻا،
ڏکين ميڏا ڏولڻا عيب نه کولڻا.

(راڻيپوري، ۱۹۸۲ع، ۵۸)

سائين سچل سرمست وٽ عاجزيءَ جو انداز پنهنجو آهي. سسئيءَ ڪي تمثيل بڻائي، هن ٻانهپ واري ٻولي استعمال ڪئي آهي. جيڪي ڪجهه انڪساريءَ سان حاصل ٿئي ٿو، اهو هوڏ ۽ ضد ۾ ممڪن ڪونهي. ويراڳي شاعرن، انسانن جي رهنمائيءَ لاءِ اهو هيڪڙائيءَ وارو گسُ ٻڌايو آهي، جنهن تي هلي هن ڪي فلاح نصيب ٿئي ٿي ۽ هو صحيح معنيٰ ۾ ڪامياب انسان بڻجي ٿو.

ساميءَ وٽ به ساڳيو سلسلو آهي. ويدن جي حوالي سان فرمائي ٿو:

چارئي تا چون، هَلُ هيٺاهين واٽڙي،
مٿاهيءَ ۾ مارو، ڏاڙا ڏير ڏَون،
متان توهي سان ڪن، مڏيءَ ڏٽيءَ مامرو.

(ناگراڻي، ۲۰۱۵ع: ۲۰۰)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سنياسي سيئي، پاڻ ڪڍيو جن پاڻ مان،
ساڏن سيئي، ارپيائون آرام ۾.

(ناگراڻي، ٢٠١٥ع: ٥١١)

ويدن جا ويچار، سامي سنڌيءَ ۾ سمجهائيندي، هيئاهين هلڻ جي تلقين ڪري ٿو. من مان ’پاڻ‘ ڪڍڻ جو مشورو بہ ڏئي ٿو، ڇو تہ جيسين انسان وٽ مان ۽ تڪبر آهي، تيسين اهو پٽڪيل ئي رهي ٿو.

خام خوديءَ جا خطرا، عاشق ڪج عدم،
قرب پار قدم، خوديءَ ريءَ ڪٽج تون.

(عباسي، ٢٠١٤ع: ١٥٨)

خام خوديءَ جا خطرا، اُتي ڪج نابود،
سالڪ تنهنجو سود، نفيءَ ذاران ناهِ ڪو.

(عباسي، ٢٠١٤ع: ١٥٨)

صوفي سالڪ لاءِ خودي ڪنهن خطري کان گهٽ ناهي. محبت جي پار ڏي، عاجزيءَ سان هلڻو آهي، جو اُتي وڏائيءَ لاءِ ڪا بہ گنجائش ناهي. عاشقن، ويراڳين ڪي خودي سونهين نٿي. ان ڪان پاڻ ڪي بچائڻو آهي:

برهون فريد هي بوجها ڪوجها وي،
بيشڪ باري بار رتي رتي مڻ مڻ وي.

(چانديو، ١٩٩٨ع: ٢٣٠)

سمجه سالڪ سوز ڪي، ڪڍ دوئيءَ جا سڀ دليل،
رهہ سدا سِڪ سُور ۾، بيڪس جسم ڪون رهہ رحيل.

(درگاهي، ٢٠١١ع: ٨٢)

خاڪي صورت، مردهہ مورت، محض مٽيءَ جو ڍيرُ،
ڇڏي هستي تانگھ برهہ ۾، جيئن گهاتن جو گهير.

(عباسي، ٢٠١٤ع: ١٠٧)





ڍوليا! ڍڪيندين منهنجون بدايون،
ڀلن ڪڙن ڀلايون، سدائين ڇڱايون.

(عباسي، ٢٠١٤ع: ١٣٠)

ڇڏ هئڻ تُون خود پرستي،
پوءِ ماڻيندين حق جي هستي.

(عباسي، ١٩٩٨ع: ٩٨)

صوفين ۽ ويراڳين جو اهو پيغام تہ ڪائناتي آهي، ڇو تہ خودي ۽ خدا ٻئي هڪ مَنَ ۾ ماپي نہ سگهبا آهن. جنهن دل ۾ تڪبر، غرور، هوڏ ۽ هستيءَ جو سامان آهي، اُتي ايشور يا خدا جو آستان نہ ٿي سگهندو. جيڪڏهن ڪو انسان ٻين کي حقير سمجهي ٿو تہ اهو انسان سڏائڻ جي لائق ئي ناهي، انڪري انڪساري ۽ عاجزيءَ واري واٽ ئي انسان لاءِ ڀلائيءَ جو سبب آهي.

”اخلاق جو اصلي سرچشمو محبت آهي. وڏي درجي واري نيڪي بہ اهو شخص ڪري سگهي ٿو، جيڪو وڏي خيال جو مالڪ هوندو، جنهن ۾ ٻين جي احساس ۽ جذبي کي سمجهڻ جي پوري صلاحيت هوندي ۽ جيڪو سڄي انسانذات جي ڏک درد کي پنهنجو ڏک درد ٻڌائڻ وارو هوندو.“(همايوني، ٢٠٠٧ع: ٤٥)

ويراڳي شاعر تمام وڏي ۽ اعليٰ خيال جا مالڪ هئا، انڪري انهن انسانيت جي ڀلائيءَ لاءِ ڪوششون ڪيون. انهن جو پنهنجو ڪردار بہ بلند هو ۽ اُنهن چاهيو پئي تہ سيئي انسان ڀلائي ۽ ڇڱائيءَ واري واٽ وٺن. ويراڳين محبت جي اهڙي پيغام عام ڪرڻ لاءِ، پنهنجي شاعريءَ ۾ انسانيت جو درس ڏنو آهي، جنهن ۾ سموري انسانذات جو ڇوٽڪارو آهي.

## حوالا


١. آڏواڻي، ڪلياڻ، ’شاهہ جو رسالو‘، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ٢٠١٣ع، ص: ٢٠٠.

٢. آڏواڻي، ڪلياڻ، ’شاهہ جو رسالو‘، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ١٩٩٧ع، ص: ٦٦.

٣. خواجہ، نور افروز، ڊاڪٽر (مقالو)، ’قومي ادبي ڪانفرنس‘، سومرا دؤر، سنڌي شعبو، ڪراچي، ٢٠١٠ع، ص: ٣٣.




Shah Abdul Latif Bhitai Chair

۴. 'گنان شريف'، جلد اول، رليجيس ايجوڪيشن بورڊ، گارڊن ايسٽ، ڪراچي، ۱۹۹۱ع، ص: ۵۲.

۵. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، 'مبين شاهه عنات جو ڪلام'، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ۱۹۶۳ع، ص: ۱۶۶.

۶. ايضاً، ص: ۱۵۸.

۷. ايضاً، ص: ۹.

۸. ايضاً، ص: ۲۱.

۹. ايضاً، ص: ۴۷.

۱۰. دائودپوٽو، عمر بن محمد، علامه 'شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام'، شاهه عبداللطيف ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه، ۱۹۷۷ع، ص: ۱۹۶.

۱۱. آڏواڻي، ڪلياڻ، 'شاهه جو رسالو'، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ۱۹۹۷ع، ص: ۹۳.

۱۲. ايضاً، ص: ۱۶۳.

۱۳. ايضاً، ص: ۹۳.

۱۴. ايضاً، ص: ۸۳.

۱۵. ايضاً، ص: ۹۴.

۱۶. ايضاً، ص: ۲۱۱.

۱۷. ايضاً، ص: ۳۴.

۱۸. ايضاً، ص: ۳۱.

۱۹. سڏايو، غلام نبي ڊاڪٽر، 'شاهه جي شاعريءَ ۾ علامت نگاري'، شاهه عبداللطيف ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه، ۱۹۹۲ع، ص: ۳۳۷.

۲۰. انصاري، عثمان علي، 'سچل سرمست جو سنڌي ڪلام' سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، ۱۹۸۲ع، ص:۱۷۴.

۲۱. ايضاً، ص: ۱۳۲.

۲۲. ايضاً، ص: ۱۳۳.

۲۳. ايضاً، ص: ۱۳۴.

۲۴. راٽيپوري، محمد صادق، حڪيم، مولانا، 'سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام'، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ۱۹۸۲ع، ص: ۵۸.


Shah Abdul Latif Bhitai Chair






۲۵. ناگراڻي، پي.ايڇ.، پروفيسر، 'ساميءَ جا سلوڪ'، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور، ۲۰۱۵ع، ص ۴۰۰.

۲۶. ايضاً، ص: ۵۱۱.

۲۷. عباسي، تنوير، 'نانڪ يوسف جو ڪلام'، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، ۲۰۱۴ع، ص: ۱۵۸.

۲۸. چانڊيو، جاويد، 'ديوان فريد'، سرائيڪي ادبي مجلس، بهاولپور، ۱۹۹۸ع، ص: ۲۳۰.

۲۹. درگاهي، اختر، 'بيدل سائينءَ جو رسالو'، بيدل يادگار ڪميٽي، روهڙي، ۲۰۱۱ع، ص: ۸۲.

۳۰. عباسي، تنوير، 'نانڪ يوسف جو ڪلام'، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، ۲۰۱۴ع، ص: ۱۳۰.

۳۱. عباسي، تنوير، 'ڪلام خوش خير محمد هيسباڻي'، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، ۱۹۹۸ع، ص: ۹۸.

۳۲. همايوني، نياز، 'آءُ ڪانگا ڪر ڳالهه'، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، ۲۰۰۷ع، ص: ۴۵.


Shah Abdul Latif Bhitai Chair